# باب پهريون
## بائيبل مقدس ڇا آهي؟

ڇا توهان کي اهو ڏينهن ياد آهي جڏهن توهان کي پهريون خط مليو هو؟ هاڻي جيڪڏهن واقعي بہ توهان کي اهو ڏينهن ياد آهي تہ شايد توهان کي اهڙو پرجوش تجربو هاڻي تائين نہ ٿيو هجي. جڏهن ماءُ رڙيون ڪري چوي تہ: ”او فرزند، او ٻچڙا! تنهنجو خط آيو آهي“ ۽ فرزند خوشيءَ مان ٽپ ڏئي اٿي ڪري ماءُ ڏي خط وٺڻ لاءِ ڊوڙي ۽ چوي تہ: ”ڇا منهنجو خط آيو آهي؟“ ۽ ماءُ جواب ۾ چوي تہ: ”هائو فرزند، تنهنجو ئي خط آيو آهي.“ توهان خوشيءَ ۾ اچي ڪري خط ورتو ٿا. خط کي هڪ دفعو پڙهي پوءِ وري پڙهو ٿا تہ جيئن خط توهان کي پوريءَ طرح سمجهہ ۾ اچي وڃي. پڙهڻ ۽ سمجهڻ کان پوءِ توهان ان خط کي سنڀالي رکو ٿا، هن ڪري تہ هي خط ڪنهن خاص شخصيت جو آهي جهڙوڪ: مرشد، ڏاڏو، ڏاڏي، نانو، ناني، چاچو، چاچي، وغيره. خط توهان ان ڪري سنڀالي رکيو آهي تہ جڏهن بہ توهان جي دل گهري تہ، توهان هي خط ڪڍي پڙهي سگهو ۽ پنهنجي سڪ پوري ڪري سگهو.



### 1 - ٽپال جو مثال

پوسٽ آفيس ۾ هزارين خط ايندا آهن. پر توهان کي ان خط جو انتظار هوندو آهي، جنهن تي توهان جو نالو ۽ ائڊريس لکيل هوندي آهي، هن ڪري تہ ان خط ۾ توهان جي لاءِ ڪو ئي خاص نياپو يا سنيهو آهي.



### 2 - ڪتابن جا قسم

توهان جي خيال مطابق هن دنيا ۾ ڪيترا ڪتاب هوندا؟ اها ڳالهہ پنهجي خيال ۾ آڻيو. ڪهاڻين جا ڪتاب آهن، نصابي ڪتاب، انسائيڪلوپيڊيا، مزاحيہ ڪتاب، سفرنامن جا ڪتاب، قومن جا ڪتاب ۽ پوءِ لائيبريرين ۾ تہ ٻيا بہ ڪتاب آهن. انهن ڪتابن کي پڙهڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي پر ڳڻڻ ئي مشڪل مسئلو آهي. ڀلا توهان کي انهن سيني ڪتابن جي پڙهڻ جي بہ ڪهڙي ضرورت آهي. انهن ۾ هزارين ڪتاب تہ اهڙا بہ هوندا جن جو توهان جي زندگيءَ سان ڪنهن بہ قسم جو واسطو نہ هوندو ۽ نہ وري اهي ڪتاب توهان جي لاءِ لکيا ويا آهن. پر انهن سيني ڳالهين جي باوجود هڪ اهڙو بہ ڪتاب آهي جيڪو صرف توهان جي لاءِ